# سنڌ آرڊيننس نمبر LIX مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LIX OF 1984

# اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE N.E.D UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act III of 1977

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of Sindh Act III of 1977

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ III جي دفعہ 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of Sindh Act III of 1977

# سنڌ آرڊيننس نمبر LIX مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LIX OF 1984

# اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE N.E.D UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 36 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اپيل يا نظرثاني ۾ ڪو حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن بہ معاملو هجي، ان کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.".

سنڌ جي 1977 ايڪٽ III جي دفعہ 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act III of 1977

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 45 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اپيل ۾ ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.".

سنڌ جي 1977 ايڪٽ III جي دفعہ 45 جي ترميم

Amendment of section 45 of Sindh Act III of 1977

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 50 ۾، لفظ "ڪيل" ۽ لفظ "جي هيٺان" وچ ۾ لفظ "نيڪ نيتي سان" شامل ڪيا ويندا.

سنڌ جي 1977 ايڪٽ III جي دفعہ 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of Sindh Act III of 1977

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**